SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريه 2015
# SINDH ACT NO.XVI OF 2015
# سنڌ معذور ماڻهن جي (ملازمت، بحالي ۽ ڀلائي) ايڪٽ، 2014
# THE SINDH DIFFERENTLY ABLE PERSONS (EMPOLYMENT, REBABILITATION AND WELFARE) ACT, 2014
## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، واڌ ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ڪائونسل جو قيام
Establishment of Council

4. ڪائونسل جا ڪم
Functions of the Council

5. ڪائونسل جون گڏجاڻيون
Meetings of the council

6. سيڪريٽري جون ذميداريون
Duties of Secretary

7. ڪميٽي جي مقرري
Appointment of Committee

8. استيبلشمينٽ معذور ماڻهن کي روزگار ڏيندي

Establishment to employ differently able persons

9. استيبلشمينٽ فنڊ کي ادائگي ڪندي

Establishment to pay the fund

10. معذور ماڻهن جي رجسٽريشن

Registration of differently able persons

11. تربيتي مرڪزن جو قيام

Establishment of Training Centers

12. استيبلشمينٽس معلومات فراهم ڪنديون

Establishments to furnish information

13. وڌيڪ ملازمت تي پابندي جو اختيار

Power to debar further employment

14. اپيل

Appeal

15. فنڊ

Fund

16. ڇوٽ ڏيڻ جو اختيار

Power to exempt

17. اختيارن جي منتقلي

Delegation of powers

18. ڏنڊ

Penalty

19. ڏوهن جو ازالو

Cognizance of offences

20. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريه 2015
# SINDH ACT NO.XVI OF 2015
# سنڌ معذور ماڻهن جي (ملازمت، بحالي ۽ ڀلائي) ايڪٽ، 2014
# THE SINDH DIFFERENTLY ABLE PERSONS (EMPOLYMENT, REBABILITATION AND WELFARE) ACT, 2014

[18 مارچ 2015]

ايڪٽ جنهن ذريعي معذور ماڻهن جي روزگار، بحالي ۽ ڀلائيءَ جو انتظام ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ معذور ماڻهن جي روزگار، بحالي ۽ ڀلائيءَ جو انتظام ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، واڌ ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ معذور ماڻهن جي (ملازمت، بحالي ۽ ڀلائي) ايڪٽ، 2014 سڏيو ويندو.

(2)ان جي سڄي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي.

(3)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.(1)هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a)"چيئرمين" مطلب ڪائونسل جو چيئرمين؛

(b)“ڪمرشل اسٽيبلشمينٽ” ۽ “انڊسٽريل اسٽيبلشمينٽ” جي ساڳي معنيٰ آهي، جيئن انهن کي اولهہ پاڪستان انڊسٽريل ۽ ڪمرشل ايمپلائمينٽ (اسٽينڊنگ آرڊرس) آرڊيننس، 1968 (1968 جو اولهہ پاڪستان آرڊيننس VI) ۾ آهي؛

(c)“ڪائونسل” مطلب دفعہ 3 تحت قائم ڪيل ڪائونسل؛

(d)“معذور ماڻهو” مطلب هڪ شخص جيڪو زخمي هئڻ، بيماري يا قدرتي نقص سبب يا انڌو، ٻوڙو طبي يا ذهني معذوري سبب زندگي جي گذر سفر لاءِ ڪو منافعو ڏيندڙ پيشو يا نوڪري ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيندو هجي؛

(e)“بيماري” جنهن ۾ شامل آهي طبي يا ذهني حالت جيڪا ڪنهن عضوي جي غير موزون واڌ تحت ٿي رهي هجي؛

(f)“ملازم” مطلب مستقل يا ڪل وقتي ملازم ٻوءِ اهو ڏهاڙي، هفتيوار يا ماهوار بنيادن تي ملازمت تي رکيل هجي، ۽ جنهن ۾ شامل آهي، تربيت حاصل ڪندڙ؛

(g)“اسٽيبلشمينٽ” مطلب هڪ سرڪاري اسٽيبلشمينٽ، ڪمرشل اسٽيبلشمينٽ يا انڊسٽريل اسٽيبلشمينٽ، جنهن ۾ پورهيتن جو هڪ انگ ملازمت تي رکيل هجي، جيڪو هڪ سال جي عرصي دوران هڪ سئو کان گهٽ نہ هجي؛

(h)“فنڊ” مطلب دفعہ 15 تحت قائم ڪيل فنڊ؛

(i)“حڪومت” مطلب سنڌ حڪومت؛

(j)“گورنمينٽ اسٽيبلشمينٽ” جنهن ۾ شامل آهي ڪا خودمختيار يا نيم خودمختيار باڊي، يونيورسٽي، ڪاليج، پروفيشنل اسڪول ۽ تنظيم جيڪا حڪومت طرفان سنڀالي يا هلائي وڃي؛

(k)"بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(l)"سيڪريٽري" مطلب ڪائونسل جو سيڪريٽري.

**ڪائونسل جو قيام**
**Establishment of Council**

3.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪائونسل قائم ڪندي جنهن کي معذور ماڻهن لاءِ ڪائونسل سڏيو ويندو، جيڪا هيٺين ميمبرن تي مشتمل هوندي، يعني:

| | |
|---|---|
| (a)سيڪريٽري، سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ | چيئرمين |
| (b)سيڪريٽري، ليبر ڊپارٽمينٽ | ميمبر |
| (c)سيڪريٽري، اسپيشل ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ | ميمبر |
| (d)سيڪريٽري، ريهيبليٽيشن ڊپارٽمينٽ | ميمبر |
| (e)پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جو هڪ نمائندو، جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هجي | ميمبر |
| (f)هيلٿ ڊپارٽمينٽ جو هڪ نمائندو، جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هجي | ميمبر |
| (g)اوقاف، مذهبي معاملا، زڪوات ۽ عشر کاتي جو هڪ نمائندو، جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هجي | ميمبر |
| (h)وومين ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جو هڪ نمائندو، جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هجي | ميمبر |
| (i)مئنيجنگ ڊائريڪٽر سنڌ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ | ميمبر |

| | |
|---|---|
| اٿارٽي (اسٽيوٽا) | |
| (j)مئنيجنگ ڊائريڪٽر، سنڌ بيت المال | ميمبر |
| (k)چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جو هڪ نمائندو | ميمبر |
| (l)رجسٽرڊ ٽريڊ يونينز جو هڪ نمائندو ليبر ڊپارٽمينٽ طرفان نامزد ڪيو ويندو | ميمبر |
| (m)معذور ماڻهن جي ڀلائيءَ ۾ مصروف ماڻهن منجهان حڪومت چار ماڻهن کي نامزد ڪندي | ميمبر |
| (n)ڪائونسل جو سيڪريٽري | ميمبر / سيڪريٽري |
| (o)صوبائي اسيمبلي جا ٻه ميمبر (هڪ عورت ميمبر ۽ هڪ مرد ميمبر) صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر طرفان نامزد ڪيا ويندا | ميمبر |

ڪائونسل جا ڪم
Functions of the Council

4. حڪومت طرفان ڏنل ڪن هدايتن موجب، ڪائونسل:
(a)معذور ماڻهن لاءِ روزگار، بحالي ۽ ڀلائي لاءِ حڪومت طرفان جوڙيل پاليسي تي عمل ڪرڻ؛
(b)معذور ماڻهن لاءِ موزون پروجيڪٽس تي ڪم ڪرڻ؛
(c)ڪائونسل جي پراجيڪٽس تي عملدرآمد لاءِ ايمپلائمينٽ ايڪسچينج يا ٻي ڪنهن باڊي کي هدايتون جاري ڪرڻ؛
(d)معذورن ماڻهن جي فنڪشنل معذورين جي حد تائين اسٽاڪ رکڻ؛
(e)پنهنجي پاليسين تي عملدرآمد جو ڪاٿو لڳائڻ،

تشخيص ڪرڻ ۽ ڪوآرڊينيٽ ڪرڻ؛
(f)هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سموري ذميواري کڻڻ؛
(g)معذور ماڻهن جي سروي ڪرائڻ جيڪي بحالي جا خواهشمند هجن؛
(h)معذور ماڻهن جو طبي معائنو ڪرائڻ ۽ علاج فراهم ڪرڻ؛
(i)معذور ماڻهن کي تربيت فراهم ڪرڻ؛
(j)هن ايڪٽ جي گنجائشن جي تعميل جو اندازو لڳائڻ لاءِ اسٽيبلشمينٽس کان معلومات جمع ڪرڻ؛
(k)هيٺين ڪمن جي سلسلي ۾ معذورن کي سهولت فراهم ڪرڻ:
(a)سرڪاري تعليمي ادارن ۾ داخلا في ۾ مڪمل رعايت ۽ ٽيوشن في ۾ پنجهتر سيڪڙو رعايت؛
(b)تعليم جي هر درجي تي تعليم لاءِ مخصوص سيٽون رکڻ؛
(c)حڪومت ۽ مڪاني حڪومت جي انتظامي ضابطي هيٺ اسپتالن ۽ ڊسپينسريز ۾ هيلٿ انشورنس ۽ مفت علاج فراهم ڪرڻ؛
(d)ماهوار بنيادن تي ضرورت مند معذور ماڻهن کي سوشل سڪيورٽي گرانٽ ۽ انهن جي ٻارن جي شادي لاءِ گرانٽ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛
(e)ننڍو ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ ضرورتمند معذور ماڻهن کي بنا وياج قرض فراهم ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛
(f)اکين کان معذور، ٻوڙن ۽ طبي طور مشڪلاتن جو شڪار ماڻهن کي ايڊاپٽو سوفٽ ويئر ۽ هارڊ ويئر جي مدد سان

انفارميشن ٽيڪنالاجي جي ڄاڻ تائين پهچ ڏيڻ؛

(g)انڪريمينٽل هائوسنگ لاءِ حڪومت طرفان الاٽ ڪيل زمينن تي پلاٽن جي قيمت ۾ رعايت؛

(l)هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيا گهربل ضروري اپاءَ وٺڻ.

**ڪائونسل جون گڏجاڻيون**
**Meetings of the council**

5.(1)ڪائونسل جون گڏجاڻيون اهڙن وقتن تي ۽ اهڙن هنڌن تي ڪوٺايون وينديون جيئن چيئرمين هدايت ڪري ۽ چيئرمين طرفان صدارت ڪئي ويندي.

(2)ڪائونسل جي گڏجاڻي اهڙي طريقيڪار تحت ڪوٺائي ويندي جيئن بيان ڪيو وڃي، ۽ جيستائين اهڙو طريقيڪار بيان ڪيو وڃي، اهڙي طريقي جيئن چيئرمين هدايت ڪري.

(3)چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم، ان جي غير موجودگي ۾، ڪائونسل جي اهڙي ميمبر طرفان استعمال ڪيا ويندا، جيڪو چيئرمين طرفان مقرر ڪيو ويو هجي.

(4)ڪائونسل جي گڏجاڻي ڪوٺائڻ لاءِ ڪورم پنج ميمبرن تي مشتمل هوندو.

(5)ڪائونسل جا سمورا حڪم ۽ فيصلا چيئرمين يا ان طرفان بااختيار بڻايل شخص جي صحيح سان تصديق ٿيل هوندا.

**سيڪريٽري جون ذميداريون**
**Duties of Secretary**

6.سيڪريٽري اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو جيڪي چيئرمين طرفان کيس سونپيا وڃن.

**ڪميٽي جي مقرري**
**Appointment of**

7.ڪائونسل پنهنجي ميمبرن تي مشتمل اهڙيون ڪميٽيون مقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪي اها مناسب سمجهي ۽ انهن

Committee

کي ڪو معاملو غور ڪرڻ ۽ رپورٽ ڏيڻ لاءِ اماڻي سگهي ٿي:
بشرطيڪ ڪائونسل جيڪڏهن اها ضروري سمجهي، ڪميٽي ۾ ڪو ماڻهو شامل ڪري سگهي ٿي.

**اسٽيبلشمينٽ معذور ماڻهن کي روزگار ڏيندي**
**Establishment to employ differently able persons**

8.(1)اسٽيبلشمينٽ طرفان رکيل سمورن ماڻهن منجهان گهٽ ۾ گهٽ ٻه سيڪڙو معذور هئڻ گهرجن، جن جا نالا ايمپلائمينٽ ايڪسچينج يا علائقي جي ڊسٽرڪٽ آفيسر سوشل ويلفيئر سان رجسٽرڊ هجن، جنهن ۾ اهڙي اسٽيبلشمينٽ واقع آهي ۽ جن جا نالا رجسٽر ۾ دفعه 10 تحت رکيا ويندا، جنهن موجب توثيق ڪئي ويندي ته اهي ڪم لاءِ موزون آهن.

(2)ڪنهن مقصد لاءِ ذيلي دفعه (1) تحت ملازمت تي رکيل معذور ماڻهن کي اهڙا شرط ۽ ضابطا ڏنا ويندا جيڪي ساڳين عهدن تي ملازمت تي اسٽيبلشمينٽ طرفان رکيل ٻين ماڻهن کي ڏنا ويندا هجن.

(3)اسٽيبلشمينٽ ۾ معذور ماڻهن جي عهدن جو سيڪڙو ڳڻڻ لاءِ 0.5 ۽ مٿي جي نسبت سڄو عدد ڳڻي ويندي.

**اسٽيبلشمينٽ فنڊ کي ادائگي ڪندي**
**Establishment to pay the fund**

9.اسٽيبلشمينٽ جيڪا دفعه 8 تحت گهربل معذور ماڻهو ملازمت تي نه رکي، اها فنڊ ۾ رقم هر مهيني رکندي جيڪا معذور ماڻهو ملازمت تي رکيل هئڻ جي صورت ۾ پگهار يا ڏهاڙي جي مد ۾ ڏني وڃي ها.

**معذور ماڻهن جي رجسٽريشن**
**Registration of differently able persons**

10.(1) ڪو به معذور شخص جيڪو ملازمت يا ٻي صورت ۾ بحاليءَ جو خواهشمند هجي، سندس نالو ايمپلائمنٽ ايڪسچينج يا ڊسٽرڪٽ آفيسر سوشل ويلفيئر طرفان ٻڌايل رجسٽر ۾ رجسٽرڊ هجڻ گهرجي، اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو ويو هجي ۽

ايمپلائمينٽ ايڪسچينج يا ڊسٽرڪٽ آفيسر سوشل ويلفيئر اهڙيءَ ريت رجسٽر ڪيل سمورا نالا ڪائونسل کي اماڻيندو.

(2)ڪائونسل، جيڪڏهن ضروري سمجهي ذيلي دفعه (1) تحت رجسٽر ڪيل هر معذور ماڻهو کي ان جي حقيقي معذوريءَ جو قسم ڄاڻڻ لاءِ ۽ ان جي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۽ طريقو جاچڻ لاءِ، جنهن لاءِ اهو موزون آهي، ان سلسلي ۾ سندس طرفان بااختيار بڻايل ميڊيڪل آفيسر يا بورڊ حوالي ڪري جيڪو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ميڊيڪل آفيسر تي مشتمل هجي، يا جيئن معاملو هجي، بورڊ جي حوالي ڪري سگهي ٿي ته اهو ان جي رپورٽ ڪائونسل کي ڏئي، اهڙي طريقي جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو ويو هجي.

(3)جيڪڏهن معذور ماڻهو ڪائونسل طرفان ڪم ڪرڻ لاءِ موزون ڄاڻايل وڃن، اها ايمپلائمينٽ ايڪسچينج ۽ ڊسٽرڪٽ آفيسر سوشل ويلفيئر کي اطلاع ڪندي، اهو ڄاڻائيندي ته ڪم جي نوعيت جنهن لاءِ ان کي تربيت ڏئي سگهجي، ۽ انڊورسمينٽ جيڪا ان سلسلي ۾ سندس نالي تي رجسٽر ۾ ڪئي ويندي.

(4)جيڪڏهن معذور ماڻهو ڪائونسل طرفان ڪم ڪرڻ لاءِ موزون نه سمجهيا وڃن، ڪائونسل ايمپلائمينٽ ايڪسچينج يا ڊسٽرڪٽ آفيسر سوشل ويلفيئر کي ان سلسلي ۾ آگاهه ڪندي ته رجسٽر تي سندس نالي تي انڊورسمينٽ ڪري سگهجي ۽ ڪائونسل سندس بحاليءَ لاءِ اهڙا اپاءَ وٺندي جيئن اها مناسب سمجهي.

(5)جيڪڏهن ڪو شخص ڪائونسل طرفان معذور نہ ڄاڻايو وڃي، ان جو نالو رجسٽر مان ڪڍيو ويندو.

**تربيتي مرڪزن جو قيام**
**Establishment of Training Centers**

11.ڪائونسل معذور ماڻهن لاءِ اهڙن واپارن ۽ ووڪيشنز ۾ تربيت جو انتظام ڪندي، جيئن اها موزون سمجهي ۽ اهڙن واپارن ۽ ووڪيشنز ۾ تربيتي مرڪز قائم ڪندي، اهڙي طريقي جيئن حڪومت طرفان طئي ڪيو ويو هجي.

**اسٽيبلشمينٽس معلومات فراهم ڪنديون**
**Establishments to furnish information**

12.هر اسٽيبلشمينٽ اهڙي ماڻهو يا اختياري کي هن ايڪٽ جي گنجائشن تي عملدرآمد لاءِ اهڙي گهربل معلومات اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت فراهم ڪندي جيئن ڪائونسل سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڄاڻائي.

**وڌيڪ ملازمت تي پابندي جو اختيار**
**Power to debar further employment**

13.(1)ڪائونسل وڌيڪ ملازمت يا تربيت کان اهڙي عرصي لاءِ پابندي وجهي سگهي ٿي، جيئن ان طرفان بيان ڪيو وڃي، ڪنهن معذور شخص تي جيڪو بنا ڪارگر سبب جي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري يا پنهنجي ملازمت يا تربيت تي هن ايڪٽ تحت پابندي وجهرائي يا ٻي صورت ۾ اهڙو ڪو قدم کڻي جيڪو واپار يا شعبي جي مفادن جي خلاف هجي، جنهن ۾ اهو ملازمت ڪري رهيو هجي يا تربيت هلندڙ هجي.
(2)ڪنهن بہ معذور ماڻهو تي ذيلي دفعہ (1) تحت پابندي نہ مڙهي ويندي، جيستائين ان کي هڪ دفعو ٻڌڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

**اپيل**
**Appeal**

14.(1)ڪو بہ شخص جيڪو دفعہ 13 تحت ڪيل حڪم کان متاثر هجي اهڙي حڪم جي تاريخ کان ٽيهن ڏينهن اندر

كائونسل كي اپيل ڪري سگهي ٿو.
(2)ڪائونسل ڪيس جو رڪارڊ طلب ڪري سگهي ٿي ۽ ٽرين كي پڌڻ جو موقعو ڏيڻ بعد يا اهڙي وڌيڪ جاچ ڪرڻ بعد، جيئن اها مناسب سمجهي، اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

فنڊ Fund

15.(1)حڪومت طرفان هڪ فنڊ قائم ڪيو ويندو جنهن كي معذور ماڻهن جي بحاليءَ جو فنڊ سڏيو ويندو. جيڪو مشتمل هوندو:
(9)دفعہ 9 تحت اسٽيبلشمينٽ طرفان ادا ڪيل سموريون رقمون؛
(b)وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت يا مڪاني ادارن طرفان ڪيل سموريون گرانٽس؛ ۽
(c)چندا، جيڪڏهن ڪي نجي فردن طرفان ڏنا وڃن.
(2)فنڊ جو انتظام ڪائونسل طرفان ڪيو ويندو جهڙيءَ ريت اها ضروري سمجهي.
(3)فنڊ استعمال ڪيو ويندو:
(a)معذور ماڻهن لاءِ تربيتي مرڪزن جي قيام لاءِ؛
(b)معذور ماڻهن جي مالي مدد لاءِ جيڪي ڪا ملازمت ڪرڻ لائق نہ آهن؛
(c)تربيت يا تعليم حاصل ڪندڙ معذور ماڻهن ۾ وظيفن ۽ اسڪالرشپ جي ورهاست لاءِ؛
(d)معذور ماڻهن جي ڀلائي لاءِ؛ ۽
(e)معذور ماڻهن كي هٿرادو عضوا، سرجيڪل ٿيراپي ۽ طبي علاج فراهم ڪرڻ لاءِ.

چوٽ ڏيڻ جو اختيار

16.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي

| | |
|---|---|
| ڪنهن اسٽيبلشمينٽ يا اسٽيبلشمينٽس جي درجي ڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت سمورن آپريشنز يا ڪنهن هڪ ڪان ڇوٽ ڏئي سگهي ٿي. | Power to exempt |
| 17.ڪائونسل هن ايڪٽ تحت پنهنجا سمورا يا ڪو هڪ اختيار پنهنجي ڪنهن ميمبر ڪي ڏئي سگهي ٿي، اهڙن شرطن تحت جيئن اها طئي ڪري. | اختيارن جي منتقلي<br>Delegation of powers |
| 18.ڪا اسٽيبلشمينٽ جيڪا دفعہ 9 تحت گهربل ڪا رقم فنڊ ۾ ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿي اها ڏنڊ جي لائق هوندي جيڪو هڪ سئو هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو ۽ ڏنڊ نہ ڀرڻ جي صورت ۾ اضافي ڏنڊ جيڪو ادائگي نہ ڪرڻ دوران هر ڏينهن پنج هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو. | ڏنڊ<br>Penalty |
| 19.(1)ماجسٽريٽ آف فرسٽ ڪلاس ڪان گهٽ ڪا عدالت ڪي هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڏوهہ تي ٻڌٽي نہ ڪري سگهندي. | ڏوهن جو ازالو<br>Cognizance of offences |
| (2)ماجسٽريٽ آف فرسٽ ڪلاس هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڏوهہ جو ازالو ڪندو، معذور ماڻهو طرفان پاڻ لکت ۾ درخواست ڪرڻ تي، يا ڪائونسل جي اٿارٽي هيٺ. | |
| 20.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**